SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريه 1973

# SINDH ACT NO.XIII OF 1973

# اولهه پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

# THE WEST PAKISTAN EMPLOYEES, SOCIAL SECURITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد

1. مختصر عنوان
2. اولهه پاڪستان آرڊيننس 1965 جي شق 5 ۾ ترميم
3. اولهه پاڪستان آرڊيننس 1965 جي منسوخي.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 1973
# SINDH ACT NO.XIII OF 1973
# اولهہ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
# THE WEST PAKISTAN EMPLOYEES, SOCIAL SECURITY (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

[4 جولاءِ 1973]

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ جو آرڊيننس 1965 ۾ ترميم آڻڻ وارو ايڪٽ.

تمهيد

جيئن تہ اهو مناسب سمجهيو ويو تہ اولهہ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ آرڊيننس 1965ع کي صوبہ سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو وڃي.

ان ڪي هيٺين ريت لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان ۽ آغاز

1. (1) هي ايڪٽ اولهہ پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي عمل ۾ ايندو.

اولهہ پاڪستان آرڊيننس 1965 جي شق 5 ۾ ترميم

2. صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان ملازمن جي سماجي تحفظ آرڊيننس 1965 جي شق 5 جي ذيلي شق (1) کي هن ريت تبديل ڪيو ويندو.

(i) شق (اي) جي لاءِ هيٺين تبديلي ٿيندي يعني:

"(اي) A هڪ ماڻهو جيڪو صوبائي وزير هجي يا هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي يا پاڪستان جي سول سروس جو سينئر آفيسر هجي جو ڊويزن جي ڪمشنر جي عهدي کان گهٽ جو نہ هجي يا مرڪزي حڪومت

۾ جوائنٽ سيڪريٽري يا سرڪاري سيڪريٽري هجي ۽ اهڙو شخص گورننگ باڊي جو صدر (چيئرمين) ٿيندو ۽

(ii) شق E جي لاءِ هيٺيون شقون تبديل ٿينديون يعني،

E ڪمشنر

F طبي مشير (Ex_Officio (Medical Advisor ۽

(iii) شق 12 جي ذيلي شق (1) جي شق (D) ڊي ختم ڪئي ويندي.

(3) اولهه پاڪستان ملازمن جو سماجي تحفظ جو آرڊيننس 1965 ايڪٽ منسوخ ٿي ويو.

اولهه پاڪستان آرڊيننس 1965 جي منسوخي.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**